روزاني
سنڌيار سکر
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد 02) سومر 14 آگسٽ 2023ع بمطابق 26 محرم الحرام 1445هـ (قيمت 05 روپيا) شمارو 78

ڪوشش آهي سنڌ جي نگران وڏي وزير لاءِ اڪ جيان گڏيل اميدوار سامهون آڻيون: مراد علي شاهه

گذريل ڏينهن ٽيندڙ ملاقات ۾ ٻنهي اڳواڻن پارٽي قيادت سان مشاورت کان پوءِ نگران وڏي وزير جي لاءِ نالا پيش ڪرڻ تي اتفاق ڪيو هو

ميڊيا جي مرضي آهي جهڙا به نالا هلائي پر في الحال ڪوبه نالو فائنل نه ٿي سگهيو آهي

گڏيل نالا ڏيڻ جي لاءِ ايم ڪيو ايم اڳواڻ جاويد حنيف به جي ڊي اي جي سردار رحيم سان ٽيليفون تي رابطو ڪيو

آگسٽ 2018ع ۾ حڪومت اچڻ جي ڪجهه مهينن اندر وفاقي حڪومت ۽ اپوزيشن غير جمهوري قدم ڪنيا

اپوزيشن سنڌ اسيمبلي ۾ اهڙو ماحول پيدا ڪيو جو اسيمبلي ڪم نه ڪري سگهي، ائين ڪڏهن به ناهي ٿيو ته وڏي وزير کي تقرير ڪرڻ نه ڏني وئي هجي

ڪورونا ۾ ڊاڪٽرن جي راءِ جي بنياد تي قدم ڪنيا ويا ۽ ان دوران سخت تنقيد کي به منهن ڏيڻو پيو

2013ع 2018 جيان سنڌ جي نگران وڏي وزير جي لاءِ گڏيل اميدوار سامهون آڻيون، سنڌ ۾ نگران حڪومت جي قيام لاءِ سنڌ جو وڏو وزير ۽ مخالف ڌر جي اڳواڻ رعنا انصار اڄ ٻيهر ملاقات ڪندا. گذريل ڏينهن ٽيندڙ ملاقات ۾ ٻنهي اڳواڻن پارٽي قيادت سان مشاورت کان پوءِ نگران وڏي وزير جي لاءِ نالا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

سمورين پارٽين جو نگران وزيراعظم تي پروسو اسان طرفان صحيح چونڊ جي نشاني آهي: شهباز شريف

بلوچستان مان نگران وزيراعظم جي چونڊ خوشي جوڳو قدم آهي، آئيني طريقيڪار تي هلندي هڪ سٽي نالي تي اتفاق ٿيو

سمورين پارٽين جي طرفان انوارالحق ڪاڪڙ جي نالي تي پروسو اسان جي صحيح چونڊ جي نشاني آهي

انوارالحق ڪاڪڙ ملڪ ۾ شفاف، آزادانه ۽ اڻڌريون چونڊون يقيني بنائيندو، 16 مهينن دوران اسان ملڪ کي جنهن معاشي استحڪام سان نوازيو اميد آهي ته اڳتي به ان جو سلسلو جاري رهندو

ترقي، تعمير ۽ معاشي بهتري جو تسلسل يقيني بنائڻ پاڪستان ۽ عوام جي بهتري لاءِ ضروري آهي

صدر عارف علوي به منظوري ڏئي ڇڏي، انوارالحق ڪاڪڙ 14 آگسٽ تي نگران وزيراعظم واري عهدي جو حلف ڪٽندو

لاهور (م ڀ) وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي ته سمورين پارٽين انوارالحق ڪاڪڙ جي نالي تي پروسو اسان جي صحيح چونڊ جي نشاني آهي. وزيراعظم شهباز شريف

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

انوارالحق ڪاڪڙ کي نگران وزيراعظم بنجڻ تي مبارڪباد ڏيندي چيو ته بلوچستان مان هڪ سٽي نالي تي اتفاق ٿيو راجا رياض جو ٽوري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

نگران وزيراعظم جي چونڊ خوشي جوڳو قدم آهي. هن جيوڻ آئيني طريقيڪار تي هلندي

سکر (بيورو رپورٽ) ڪاوش ۽ ڪي ٽي اين جي بيورو چيف سينيئر صحافي جان محمد مهر تي نامعلوم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 32

سکر ۾ اڇاتل هٿياربندن جو سينيئر صحافي ۽ مٿان قاتلاڻو حملو، فوت

ڪاوش ۽ ڪي ٽي اين جي بيورو چيف سينيئر صحافي جان محمد مهر تي نامعلوم هٿياربندن قاتلاڻو حملو ڪيو

جان محمد مهر آفيس مان گهر وڃي رهيو هو ته مکي مسجد لڳ مٽس موٽر سائيڪل سوار ٻن جڻن حملو ڪيو ويو

حراسپتال ۾ داخل ڪيو ويو جتي هن زخمن جا سور نه سهندي دم ڏٽي حوالي ڪيو. ڪنڊ، جان محمد مهر جي هٿ ۽ اک لڳ گولين لڳڻ ڪري هيون: ڊاڪٽر

سکر: سينيئر صحافي جان محمد مهر جي حياتيءَ جي تصوير

نگران وزيراعظم

انوارالحق ڪاڪڙ 14 آگسٽ تي عهدي جو حلف

اسلام آباد (م ڀ) نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ 14 آگسٽ يوم آزادي جي ڏاڻي تي حلف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

يوم آزادي تي ون ويلرز ۽ هنگامو ڪندڙن خلاف ڪريڪ ڊائون جو فيصلو

اسلام آباد پوليس ون ويلرز ۽ هنگامو ڪندڙن خلاف ڪريڪ ڊائون جو فيصلو ڪيو

ٽريفڪ پوليس، ضلعي پوليس ۽ ڊولفن فورس جون 5 ٽيمون جوڙيون ويون

اڄ ۽ هارن وڄائيندڙن خلاف قلم 144 ڪيو ويو آهي، ون ويلنگ ۽ هنگامي تي سخت ڪارروائي ڪئي ويندي: پوليس ترجمان

اسلام آباد (م ڀ) وفاقي راڄڌاني ۾ يوم آزادي جي رات لاءِ سيڪيورٽي پلان تيار ڪيو ويو آهي. پوليس ترجمان موجب اسلام آباد پوليس ون ويلرز ۽ هنگامو ڪندڙن خلاف ڪريڪ ڊائون جو فيصلو ڪيو آهي. جنهن لاءِ ٽريفڪ پوليس، ضلعي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

پوليس لال حويلي ۽ منهنجي پائرن جي گهرن تي چاپا هنيا: شيخ رشيد

پوليس گهرمان قيمتي سامان، ڊرائيور ۽ ملازم کڻي ويا، پوليس لال حويلي مان ڪيمرا، ليپ ٽاپ ۽ موبائيل فون به کڻي ويا

مون تي 3 آپگهاتي حملا ٿي چڪا آهن، هاڻي جيڪڏهن ڪو دهشتگردي جو واقعو ٿيو ته ذميوار موجوده حڪمران هوندا

لال حويلي ۾ 50 سالن کان آزادي واري ڏاڙي تي تقريبون منعقد ٿي رهيون آهن

راولپنڊي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) اڳوڻي گهرو وزير شيخ رشيد چيو آهي ته گذريل رات پوليس لال حويلي ۽ منهنجي پائرن جي گهرن تي چاپا هنيا. ان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

لاهور: اڳوڻو گهرو وزير ۽ عوامي مسلم ليگ سربراهه شيخ رشيد (فائيل فوٽو)

ڪراچي ۾ ٽيز هوائون، وقفي وقفي سان ڦڙ ڦڙ جو امڪان

ڪراچي (م ڀ) سنڌ جي راڄڌاني ڪراچي ۾ ٽيز هوائون جو سلسلو جاري، ايندڙ 24 ڪلاڪن دوران /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

انوارالحق ڪاڪڙ جو نالو (ن) ليگ نه ئي وري پيپلز پارٽي طرفان ڏنو ويو آهي: شاهه محمود قريشي

انوارالحق ڪاڪڙ جي مقرري مان ثابت ٿئي ٿو ته مسلم ليگ(ن) ۽ پيپلز پارٽي جي خواهش پوري نه ٿي

جيڪڏهن اهو معاملو اليڪشن ڪميشن وٽ وڃي ها تڏهن به ساڳيو نالو سامهون اچي ها

ڇا اوهان سمجهو ٿا ته ملڪ جا اهم فيصلا راجا رياض ڪندو؟

ملتان (م ڀ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي وائيس چيئرمين شاهه محمود قريشي نگران وزيراعظم جي لاءِ انوارالحق ڪاڪڙ جي نالي تي رد عمل ڏيندي چيو آهي ته انوارالحق ڪاڪڙ جي نالي تي وري پيپلز پارٽي جي چوٽ تي مقرر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

نگران وزيراعظم جو اعلان ٿيندي ئي استحڪام پارٽي سرگرم

آءِ پي پي لاهور، بهاولپور، گوجرانوالا، سرگوڌا ۽ ساهيوال لاءِ ڊويزنل آفيسر مقرر ڪيا

مراد راس کي لاهور ڊويزن جو صدر ۽ ميان خالد محمود کي جنرل سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو

سردار تنوير الياس کي آزاد ڪشمير جو پارٽي صدر نامزد ڪيو ويو

لاهور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) نگران وزيراعظم جو اعلان ٿيندي ئي پاڪستان پارٽي سرگرم تي

پ پ پارٽي اڳواڻن کي نگران وزيراعظم جي نامزدگي جي حوالي سان بيان بازي کان روڪي چڏيو

ڪراچي (رپورٽ) پيپلزپارٽي جي قيادت پارٽي اڳواڻن کي نگران وزيراعظم جي نامزدگي جي حوالي سان بيان بازي کان روڪي چڏيو جڏهن ته خورشيد شاهه پنهنجي بيان جي حوالي سان پارٽي قيادت کي وضاحت پيش ڪري چڏي آهي پيپلزپارٽي جي قيادت نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ جي نامزدگي تي پارٽي جي سينيئر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

لاهور: تحريڪ استحڪام پاڪستان جو سربراهه جهانگير ترين تقريب دوران ڳالهائي رهيو آهي

حيدرآباد ۾ جشن آزادي ملهائڻ لاءِ تياريون مڪمل

سياسي، سماجي، ادبي تنظيمن سميت شهرين ۽ سرڪاري طور تقريبون منعقد ڪيون ويندیون

جشن آزادي جي حوالي سان سمورين سرڪاري آفيسن تي چراغان ڪيو ويو

رنگين بلبن ۽ قومي جهنڊي وسيلي جشن آزادي جي پروگرامن ۾ خوبصورت رنگ سمايل

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد ۾ جشن آزادي ملهائڻ لاءِ تياريون مڪمل ڪيون ويون آهن. چوڏهن آگسٽ تي جشن آزادي جي حوالي سان حيدرآباد ۾ سياسي، سماجي، ادبي تنظيمن سميت شهرين ۽ سرڪاري طور تقريبون منعقد ڪيون ويندیون. جشن آزادي جي حوالي سان سمورين سرڪاري آفيسن تي چراغان ڪيو ويو. رنگين بلبن ۽ قومي جهنڊي وسيلي جشن آزادي جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

حيدرآباد: جشن آزاد جي حوالي سان شهباز بلدنگ ۾ سينگاريل آفيس، ٻئي پاسي لڳل استال جو ڏيک

وزيراعظم شهباز شريف لاءِ الوداعي گارڊ آف آنرجي تقريب ملتوي

وزيراعظم شهباز شريف کي هاڻ اج گارڊ آف آنر پيش ڪيو ويندو

وزيراعظم شهباز شريف طرفان سياسي قوم سان الوداعي خطاب جو به امڪان آهي: ذريعا

اسلام آباد (م ڀ) وزيراعظم شهباز شريف جي لاءِ اج گارڊ آف آنر جي تقريب ملتوي ڪئي وئي آهي. وزيراعظم شهباز شريف کي هاڻ اج گارڊ آف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

سنڌ ۾ مٿان کان نالو ناهي ايندو: ناصر شاهه

اڃوڪي ملاقات ۾ ڪيترن ئي معزز ۽ قابل اعتماد نالن تي غور ڪيو ويو

اميد آهي ته سنڌ جي نگران وڏي وزير جو فيصلو اج يوم آزادي تي ڪيو ويندو

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان پيپلزپارٽي جي اڳواڻ ناصر شاهه جو چوڻ آهي ته سنڌ ۾ مٿان کان نالو ناهي ايندو. سنڌ جي وڏي وزير ۽ مخالف ڌر جي اڳواڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

ڪراچي: گيس جي لوڊشيڊنگ جي ڪري شهري گيس پرائي رهيا آهن

ڪراچي جو ڈي ايس پي ڦورن هٿان قرجي ويو

موٽرسائيڪل ٻن جوابدارن موبائيل، ٻٽون ڦر ڪيو ۽ فرار ٿي ويا: ڊي ايس پي امجد ڪلهار

شهر جي مختلف علاقن ۾ فائرنگ سبب 2 ڇٽا فوت ۽ 3 ڇٽا زخمي ٿي پيا

ڪراچي (م ڀ) ڪراچي ۾ راشد منهاس روڊ تي جوابدارن ڊي ايس پي ۽ سندس گهرپاتين کي ڦر ڪري ورتو ڊي ايس پي امجد ڪلهار مرحب گاڏي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

پاڪستان جو قيام الله جو انعام آهي: محمد حسين محنتي

پاڪستان دنيا جو واحد ملڪ آهي جيڪو مدبني جي اسلامي رياست کان بعد ۾ اسلامي رياست آهي

تحريڪ پاڪستان دوران ماڻهو اسلام جي نالي تي مرڻ لاءِ تيار هئا

جماعت اسلامي سنڌ جا امير محمد حسين محنتي

ڪراچي (رپورٽر) جماعت اسلامي سنڌ جي امير آگرٽي ايم اين اي محمد حسين محنتي چيو آهي ته پاڪستان جو قيام الله جو انعام آهي جيڪو اسلام ۽ نظريه پاڪستان جي نالي تي قائم ٿيو. پاڪستان دنيا جو واحد ملڪ آهي جيڪو مدبني جي اسلامي رياست کان بعد ۾ اسلامي رياست آهي جيڪو روڊي جدوجهد کان پوءِ اسلام جي نالي تي قائم ٿيو. تحريڪ پاڪستان دوران ماڻهو اسلام جي نالي تي مرڻ لاءِ تيار هئا. وطن عزيز جي نظرياتي ۽ جاگرافيائي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

جشن آزادي جو ڏاڙهو رهه پاڪستاني عيد وانگر ملهائيندو آهي: علي پاڪ

پي ٽي آئي پوري سنڌ ۾ 14 آگسٽ جو ڏاڙي جوش جذبي سان ملهائڻ جو اعلان ڪيو آهي

ڪجهه قوتون اسان کي جشن آزادي ملهائڻ کان روڪي رهيون آهن

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان تحريڪ انصاف سنڌ جي جنرل سيڪريٽري ايڊووڪيٽ علي پاڪ. ڪراچي جي جنرل سيڪريٽري ايڊووڪيٽ رحمان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

سراج الحق اڄ هڪ روزه دوري تي ڪراچي ايندو

امير جماعت اسلامي جامعة الحرمين سعيد آباد جو دورو نعمت الله خان تعليمي بلاڪ جو افتتاح ڪندو

اسٽيشن روڊ حيدرآباد ۾ جي آءِ يوٽ پاران رٽيل "يوٽ ڪنونشن" کي خطاب ڪندو

ڪراچي (رپورٽر) امير جماعت اسلامي پاڪستان سراج الحق سنڌ جي هڪ ڏينهن واري دوري تي سومر تي (اڄ) ڪراچي پهچندو صوبائي ترجمان مجاهد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

تحريڪ انصاف جي اڳواڻ منزا حسن پارٽي کان ڌار ٿي وئي

9 مئي جي واقعن، فوجي ۽ سرڪاري عمارتن کي نقصان پهچائڻ جي سخت مذمت ڪريان ٿي، منزا حسن

جيڪو ٿيو غلط ٿيو جيڪو نه ٿيڻ گهرجي ها، اسان کي سمورن ادارن جو احترام ڪرڻ گهرجي

لاهور (م ڀ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ منزا حسن پارٽي کان ڌار ٿي وئي آهي. هڪ بيان ۾ منزا حسن چيو آهي ته هوءَ 9 مئي جي واقعن جي فوجي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

جشن آزادي تي مزار قائد تي سيڪيورٽي سخت، 14 هزار پوليس اهلڪار تعينات

ڪراچي ۾ 14 هزار پوليس اهلڪار، 2 هزار رينجرز، 1 هزار ايف سي، 1 هزار ايليٽ فورس ۽ 1 هزار ايس ايس جي جوان تعينات ڪيا ويندا

ڪراچي ۾ 5 هزار سي سي ٽي وي ڪئمرا لڳايا ويا آهن، ڪنٽرول روم مان نگراني ڪئي ويندي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ جشن آزادي جي موقعي تي سيڪيورٽي سخت ڪئي ويندي. ڪراچي ۾ 14 هزار پوليس اهلڪار، 2 هزار رينجرز، 1 هزار ايف سي، 1 هزار ايليٽ فورس ۽ 1 هزار ايس ايس جي جوان تعينات ڪيا ويندا. ڪراچي ۾ 5 هزار سي سي ٽي وي ڪئمرا لڳايا ويا آهن، ڪنٽرول روم مان نگراني ڪئي ويندي

بشريٰ بي بي جي ڊائري مان ثابت ٿيو ته پي ٽي آءِ جي حڪومت جادو جي اثر هيٺ هئي: حافظ حمدالله

نگران وزيراعظم اهوئي سنو آهي جيڪو هڪ بيگ ۾ اچي ۽ ساڳيو ئي بيگ واپس کڻي وڃي

جيڪو ڪجهه بشريٰ بي بي جي ڊائري ۾ لکيل آهي، اهڙ واقعا به پيش آيا آهن

پي ٽي آءِ چيئرمين جي حڪومت ان وقت جي خاتون اول هلائيندي هئي

پي ڊي ايم) جي ترجمان حافظ حمدالله نگران وزيراعظر انوارالحق ڪاڪڙ جي مقرري تي پنهنجي رد عمل جو اظهار ڪيو آهي. ڊيره اسماعيل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

ملڪ جو اڻون نامزد نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ منسٽر انڪليو کان پنجاب هائوس منتقل

وزيراعظم هائوس خالي هٿ ٽائين پنجاب هائوس ۾ ئي رهندو

انوارالحق ڪاڪڙ حلف کڻڻ بعد وزيراعظم هائوس منتقل ٿيندو

اسلام آباد (م ڀ) ملڪ جو اڻون نامزد نگران وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ منسٽر انڪليو کان پنجاب هائوس منتقل. نگران وزيراعظم کي سڪيورٽي سبب پنجاب هائوس منتقل ڪيو ويو. وزيراعظم هائوس خالي هٿ ٽائين پنجاب هائوس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

پي ڊي ايم ترجمان حافظ حمدالله

باجوڙ ۾ سيڪيورٽي فورسز جو آپريشن، 4 دهشتگرد مارجي ويا، سپاهي شهيد

سيڪيورٽي فورسز باجوڙ جي علاقي چارمنگ ۾ 12 ۽ 13 آگسٽ جي رات دهشتگردن جي ڪجهي موجودگي واري اطلاع تي آپريشن ڪيو

فائرنگ جي ڏي وٽ دوران 4 دهشتگرد مارجي ويا جڏهن ته هڪ کي گرفتار ڪيو ويو آهي: آءِ ايس پي آر

مارجي ويل دهشتگرد سيڪيورٽي فورسز خلاف دهشتگردي وارين ڪارروائين ۾ ملوث هئا

راولپنڊي (م ڀ) سيڪيورٽي فورسز پاران باجوڙ ۾ آپريشن دوران 4 دهشتگرد مارجي ويا آهن جڏهن ته هڪ کي گرفتار ڪيو ويو آهي. آءِ ايس پي آر طرفان جاري ڪيل بيان ۾ ٻڌايو ويو آهي ته سيڪيورٽي فورسز باجوڙ جي علاقي چارمنگ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

ڪرمپور ۾ ڏاڙيلن جي مزدا گاڏي ۽ تي فائرنگ، 3 ڇٽا قتل، ڏرٽو

گاڏي نه بيهارڻ تي هٿياربندن فائرنگ ڪري ڏني، مزدا ڊرائيور سميت 3 ڇٽا قتل ٿي ويا، هٿياربندن فرار ٿي ويا

قتل ٿيلن ۾ علي خان ڀگتي پهادر خان، عبدالواحد ڀگتي شامل، اطلاع تي پوليس پهچي مارجي ويلن جا لاش شڪارپور اسپتال منتقل ڪيا

انڊس هاءِ وي تي 3 ڇٽن جي قتل ۽ ٻن جي اغوا خلاف ڏرٽو هنيو ويو، ٽريفڪ معطل ٿي وئي

ڪشمور (رپورٽر) ڪرمپور ۾ ڏاڙيلن جي مزدا گاڏيءَ تي فائرنگ ۾ 3 ڇٽا قتل ٿي ويا، ڏرٽو هنيو ويو. انڊس هاءِ وي تي بنگلاڻي لاڙي وٽ ڏاڙيلن مزدا گاڏي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي ڪاڏي نه بيهارڻ تي هٿياربندن فائرنگ ڪري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

صادق آباد ۾ واٽهڙو عورت سان نازيبا حرڪت ڪندڙ جوابدار گرفتار

ڪندڙ جوابدار گرفتار

صادق آباد (م ڀ) صادق آباد ۾ واٽهڙو عورت سان نازيبا حرڪت ڪندڙ جوابدار گرفتار. جوابدار کي سي سي ٽي وي فتيج جي مدد سان گرفتار ڪيو ويو. پوليس جو چوڻ آهي ته جوابدار علي ٽائون جي لغاري ڪالوني ۾ واٽهڙو عورت سان نازيبا حرڪت ڪئي هئي. سي سي ٽي وي فتيج /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

ڪشمور: مارجي ويلن جا وارث روڊ بلاڪ ڪري احتجاج ڪري رهيا آهن

سکر پرسان منگي ۽ چاچڙ برادري جي ٻن ڏرين ۾ جهيڙو، فائرنگ، هڪ ڇٽو قتل

عبدالحليم چاچڙ ۽ شعيب منگي رڄ ۾ پراپرٽي جي ڏيتي ليتي ٿيل هئي ان جا پٽسا شعيب منگي ڏاڻهن رهيل هئا جنهن سبب واقعو پيش آيو

عبدالحليم چاچڙ واري ڌر شعيب منگي جي جڳهه ۾ ويٺل کان منگي ڌر جا جوابدار جڳهه خالي ڪرائڻ آيا هئا: پوليس

سکر (بيورو رپورٽ) سکر ۾ ايس ايس پي آفيس پرسان منگي ۽ چاچڙ برادري جي ٻن ڏرين ۾ جهيڙي دوران فائرنگ سبب هڪ نوجوان قتل ڇڏهن ته هڪ زخمي ٿي ورتو پوليس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

غوثپور واسي به نوجوان پراسرار نموني گم، وارثن پاران اغوا جو شڪ ظاهر

ڳوٺ ڏڻي سندراڻي جا رهواسي نوجوان محمد اسلم ملڪ ۽ وسيم چنو چانهه پيئڻ ويا پر واپس نه ٿيا

وارثن پاران نوجوانن جي علاقي ۾ ڳولا ڪئي وئي پر ڪٿان به ڏس پتو نه ملي سگهيو

وارثن ٻنهي نوجوانن جي اغوا ٿيڻ جو شڪ ظاهر ڪيو، وارثن حد جي ٿاڻي تي اطلاع ڪيو، جنهن بعد پوليس جاچ شروع ڪئي

غوثپور (رپورٽر) غوثپور واسي به نوجوان پراسرار نموني گم. وارثن اغوا جو شڪ ظاهر ڪري چڏيو. پوليس پاران معاملي جي جاچ شروع ڪئي وئي آهيڪوٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

گم ٿي ويل غوثپور واسي نوجوان (فائيل فوٽو)

ڪاڪڙ جو سينيٽ جي ميمبرشپ تان استعيفيٰ ڈيڻ جو فيصلو

انوارالحق ڪاڪڙ سينيٽ جي ميمبرشپ تان استعيفيٰ ڈيڻ واري فيصلي جي تصديق ڪئي

ڪاڪڙ بلوچستان عوامي پارٽي (بي اي پي) جي ميمبرشپ تان به استعيفيٰ ڈيندو

اسلام آباد (م ڀ) نگران وزيراعظر انوارالحق ڪاڪڙ پارليامينٽ جي اپر هائوس (سينيٽ) جي ميمبرشپ تان استعيفيٰ ڈيڻ جو فيصلو ڪري ورتو آهي. نجي ٽي وي جي اينڪر سان ڳالهه ٻولهه ۾ انوارالحق ڪاڪڙ سينيٽ جي ميمبرشپ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

خيرپورناٿن شاهه: سولنگي برادري جي ٻن ڏرين ۾ جهيڙو، هڪ ڇٽو قتل

سولنگي برادري جي ٻن ڏرين ۾ جهيڙي دوران ڏنڊا ۽ ڪهاڙيون لڳڻ جي نتيجي ۾ هڪ ڇٽو مارجي ويو

زخمين مان 65 ورهين جي سڪندر سولنگي جي حالت ڳڻتي جوڳي هجڻ سبب ڪيس وڌيڪ علاج لاءِ سيوهڻ اسپتال رفر ڪيو ويو

خيرپورناٿن شاهه (رپورٽر) خيرپورناٿن شاهه پرسان زمين جي پراڻي تڪرار تان ڳوٺ ريجهپور ۾ سولنگي برادري جي ٻن ڏرين ۾ جهيڙي دوران فائرنگ ۽ ڪهاڙيون لڳڻ جي نتيجي ۾ هڪ ڇٽو مارجي ويو ۽ زخمين مان 65 ورهين جي سڪندر سولنگي جي حالت ڳڻتي جوڳي هجڻ سبب ڪيس وڌيڪ علاج لاءِ سيوهڻ اسپتال رفر ڪيو ويو

غوثپور ۾ پيٽرول پمپ تي ڏاڙيلن جي ڪاهه، منشي اغوا، وارثن جوابدار هٿيار وڌي ٿي ڏٽو

بي سيڪشن پوليس ٽاڻي جي حد ٻگن خان قمبراڻي پمپ تي ٽولي ڪاهه ڪئي

ڏاڙيل پمپ منشي عبدالوحيد ملڪ کي اغوا ڪري ويا، هيلپر عابد قمبراڻي کي زخمي ڪيو ويو

واقعي بعد علاقي ۾ خوف پکڙجي ويو جڏهن ته پوليس اطلاع بعد ڏوهارين جي پويان روانو ٿي وئي

ڪنڊڪوٽ (رپورٽر) ڪنڊڪوٽ ۾ پيٽرول پمپ تي ڏاڙيلن جي ڪاهه، منشي کي اغوا ڪري ويا. هيلپر کي ڏڪ هڻي زخمي ڪيو ويو. سيڪشن پوليس ٽاڻي جي حد ٻگن خان قمبراڻي پمپ تي ڏاڙيلن جي ٽولي ڪاهه ڪري، پمپ منشي عبدالرحيد ملڪ کي اغوا ڪري ويا. هيلپر عابد قمبراڻي کي زخمي ڪيو ويو واقعي بعد علاقي ۾ خوف پکڙجي ويو جڏهن ته پوليس اطلاع /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

ڊائوڪينسر سينٽر هڪ سال جي گهٽ عرصي ۾ ئي ملڪ ۾ ٻاهرين ملڪ مريض جي سهولت جو مرڪز بڻجي ويو

سڄي سال ۾ ڪراچي مان 78.33 ملڪ اندر 19.65 ۽ ٻاهرين ملڪ مان 0.27 مريض فائدو ورتي ويا، سڄو سال او پي ڊي ۾ لڳ ڀڳ 2 هزار مريض فيضياب ٿيا

هي ڪاميابي ڊائو يونيورسٽي جي وائس چانسلر پروفيسر محمد سعيد قريشي ارجها ڪئمپس ۾ ڊائوڪينسر سينٽر جو هڪ سال پورو ٿيڻ جي تقريب کي خطاب ڪندي ڪيون

تقريب کي ميڊيڪل سپرنٽنڈنٽ ڊائون يونيورسٽي اسپتال ڊاڪٽر جهان آرا حسن، ڊاڪٽر ڪاشف شڪيل، ڊاڪٽر نويد علي خان، ڊاڪٽر نسرين ناز، ڊاڪٽر مرير به خطاب ڪيو

ڪراچي (رپورٽر) ڊائوڪينسر سينٽر هڪ سال جي گهٽ عرصي ۾ ئي ملڪ ۾ ٻاهرين ملڪ مريضن جي سهولت جو مرڪز بڻجي ويو سڄي سال ۾ ڪراچي مان 78.33 ملڪ اندر 19.65 ۽ ٻاهرين ملڪ مان 0.27 مريض فائدو ولي ويا جڏهن ته سڄو سال او پي ڊي ۾ لڳ ڀڳ 2 هزار مريض فيضياب ٿيا هي ڪاميابي ڊائو يونيورسٽي جي وائس چانسلر پروفيسر محمد سعيد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

پوليس جو ڪارنامو شڪي، جويدار نه ملڻ تي سندس ڳوٺ واري ونې کڻي وئي

مانجهند (رپورٽر) مانجهند مان 10 ڏينهن اڳ نواب شاهه پوليس طرفان مبينا شڪي جوابدار جي عيوضي ۾ ڪنيل 8 مهينن جي ڳوٺواري ۽ 4 معصوم ٻارڙن جي ماءُ بازياب نه ٿي سگهي وارثن سياسي سماجي ڏرين جو سخت احتجاج علامتي بک هڙتالي ڪيمپ قائم ريلي ڏرڻو اپ ڏاريندڙ تعريبازي، تنفصيل موجب مانجهند مان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

حيدرآباد: پريس ڪلب ٻاهران ميمن چندرائن ڪمپني جا متاثر مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪندي

سائين فيض محمد ٽالپر عوامي تحريڪ جو سچو سپاهي هو: اياز ڪوسو

پارٽي ۾ ڪيترائي نظرياتي ڪارڪن تيار ڪيا فڪر پليجو تي ليڪچر پروگرام ڪيا

سنڌ ۾ وقت ظلم ڏاڍ ۽ جبر خلاف جيڪا مزاحمت نظر اچي ٿي ان ۾ فيض محمد ٽالپر جو هٿ آهي

زمينن ڳوٺن قبرستانن تي قبضا ڪري سنڌ جي ماڻهن کي پنهنجي وطن ۾ بي گهر ڪري رهيا آهن

جهڏو (رپورٽ ممتاز جوڻيجو) عوامي تحريڪ جي ڪاهوڙي اڳواڻ سندي هاري تحريڪ جي سابق مرڪزي صدر سائين فيض محمد ٽالپر جي پي درسي جي موقعي تي عوامي تحريڪ تعلقي جهڏي پاران موٽر سائيڪل ريلي ڪڍي

جيڪب آباد شهري اتحاد پاران محمد اڪرم ابڙو کي پيٽا ڊيٽ لاءِ تعزيتي ريفرنس

جيڪب آباد (رپورٽر) جيڪب آباد شهري اتحاد پاران شهيد محمد اڪرم ابڙو کي پيٽا ڊيٽ لاءِ تعزيتي ريفرنس ٽي گذريو جنهن ۾ سياسي، سماجي، مذهبي، آفليتي برادري سان تعلق رکندڙ اڳواڻن شرڪت ڪئي. شهيد محمد اڪرم ابڙو هڪ سگهاري جدوجهد جو تالو هو جنهن جي ڪيل جدوجهد کي وساري نٿو سگهجي //بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

پاڪستان يوٽيلٽي ڪارپوريشن پاران مولا بخش مغل سکر ۾ ريجنل مينيجر مقرر

استاف جي لاءِ ڪنهن به مسئلي جي لاءِ هر وقت منهنجا دروازا ڪليل آهن: مولا بخش مغل

عبدالقيوم ابڙو ماجد علي ڪوسو، شڪيل احمد نوناري ،رحيم بخش جتوئي ۽ منور شيخ مبارڪون ڏنيون

سکر(رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) مولا بخش مغل کي يوٽيلٽي ڪارپوريشن پاڪستان سکر ۾ ريجنل مينيجر مقرر. استاف پاران پرپور طرح سان آڇيان گلن جا هار پارايا. استاف جي لاءِ ڪنهن به مسئلي جي لاءِ هر وقت منهنجا دروازا ڪليل آهن مولا بخش مغل ريجنل مينيجر خبر مقرر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

نوشهرو فيروز جي نيڪال جو سمورو گندو پاڻي وارهه شهر مان گذرندڙ شاخ جي صفائي نه ٿي

سوشل ورڪر جيڪال ڪلهوڙو بشير لطيفي ۽ ٻين طرفان تعلقہ پريس ڪلب وارهه اڳيان احتجاج

ڪاٽي نه ٽيڻ ۽ شاخ ۾ گندو پاڻي چوڙ ڪرڻ سبب نه صرف علاقئي جي زراعت متاثر ٿي آهي :مظاهرين

پنا شاخ جي ڪاٽي ڏياري شاخ ۾ چوڙ ٽيندڙ گندي پاڻي جو نيڪال بند ڪرائي شاخ ۾ زرعي پاڻي ڏنو وجي

وارهه (رپورٽ طالب حسين چانڊيو) وارهه شهر جي نيڪال جو سمورو گندو پاڻي وارهه شهر مان گذرندڙ پنا شاخ ۾ چوڙ ڪرڻ ۽ ڪيتري ئي عرصي کان شاخ جي صفائي سترائي ۽ ڪاٽي نه ٽيڻ خلاف سوشل ورڪر جيڪال ڪلهوڙو بشير لطيفي ۽ ٻين طرفان تعلقہ پريس ڪلب وارهه اڳيان بي ڊينهن ۽احتجاج ڪيو ويو. پنا شاخ جي ڪاٽي نه ٽيڻ ۽ شاخ ۾ گندو پاڻي چوڙ ڪرڻ سبب نه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

ايس ايڇ او گهارو پاران نيشنل هاءِ وي روڊ ٽرڪ تي چاپو، 400 ڪلو تمباکو پتي هٿ

ٽنڊو (رپورٽر) ايس ايڇ او گهارو انسپيڪٽر ممتاز علي بروهي ۽ سب انسپيڪٽر محمد هاشم سومرو پوليس عملي سان گڏ گشت دوران آري ڪٽ نيشنل هاءِ وي روڊ تي، هڪ ٽرڪ تي ڪامياب چاپو هڻي ٽرڪ کي تحويل ۾ ولي ٽرڪ مان 400 ڪلو تمباکو پتي ۽ 500 پيڪٽ گٽڪا ماوا هٽ ڪري ساڻس پوليس پٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

نئون ديرو ۾ زخمي ٽيل پوليس اهلڪار جي حالت ۾ سڌارو نه آيو، وينٽيليٽر تي منتقل

ڪيس چانڊڪا اسپتال لاڙڪاڻي جي انتهائي نگهداشت واري وارڊ ۾ وينٽيليٽر تي منتقل ڪيو

اهلڪار ڪي لڳل گولي سيني ڪي نقصان ڏيڻ بعد جسم جي پيٽ واري حصي ۾ قاسي پئي آهي

پوليس ڪارواين تيز ڪندي 4 ڪان وڌيڪ شڪي ماڻهن کي گرفتار ڪري اڻڄاتل هنڌ منتقل ڪري ڇڏيو

نئون ديرو(رپورٽ شاد محمود پٽو) نئون ديرو ۾ گذري ڏينهن رائيس ڪٽنال وٽ هٿياربندن جي فائرنگ ۾ زخمي ٽيل نئون ديرو ٽائي جو پوليس اهلڪار رسيم جروار جي حالت ۾ سڌارو نه آيو ڊاڪٽرن ڪيس چانڊڪا اسپتال لاڙڪاڻي جي انتهائي نگهداشت واري وارڊ ۾ وينٽيليٽر تي منتقل ڪيو آهي. پوليس اهلڪار کي لڳل گولي سيني کي نقصان ڏيڻ بعد جسم جي پيٽ واري حصي ۾ قاسي پئي آهي پوليس ڪارواين تيز ڪندي 4 ڪان وڌيڪ شڪي ماڻهن کي گرفتار ڪري اڻڄاتل هنڌ منتقل ڪري ڇڏيو

مانجهند مان اغوا ٿيل 8 مهينن جي ڪوهاري ۽ 4 معصوم ڀارڙن جي ماءُ بازياب نه ٿي سگهي

وارثن ۽ سياسي سماجي ڌرين پاران سخت احتجاج ڪري علامتي بک هڙتالي ڪيمپ قائم ڪئي وئي

حاجاڻا برادري جو معصوم ڀارڙن سميت سياسي سماجي ڌرين سان گڏ شاهي بازار مان ريلي ڪڍي وئي

تقدس پائمال ڪندي غير موجودگي ۾ ڪوهاري گهرواري حسنا حاجاڻو کي ڪنپي گر ڪري چڙيو آهي: والد

مانجهند (رپورٽ مهراڻ عمراڻي) مانجهند مان 10 ڊينهن اڳ نواب شاه پوليس طرفان ميبنا شڪي جرابدار جي عيوضي ۾ ڪنيل 8 مهينن جي ڪوهاري ۽ 4 معصوم ڀارڙن جي ماءُ بازياب نه ٿي سگهي وارثن سياسي سماجي ڌرين جو سخت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

مانجهند: اغوا ٿي ويل عورت جي بازيابي لاءِ وارث احتجاج ڪري رهيا آهن

پاڪستان زنده آباد , پاڪ فوج

زنده آباد : دادو ۾ آل ڪلارڪ ايسوسيئيشن پاران ريلي

دادو (رپورٽر) دادو پاڪستان زنده آباد , پاڪ فوج زنده آباد , رينجرس زنده آباد ۽ سنڌ پوليس زنده آباد . جيوجيو پاڪستان جوعوام جي تعرن جي گونج سان آپڪا آل ڪلارڪ ايسوسيئيشن ضلعي دادو ۽ يوٽ ويلفيئرسوسائيٽي دادو پاران 14 آگسٽ جشن آزادي پاڪستان جي ڊينهن ٿي جشن آزادي پاڪستان/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

نئين ۾ جشن آزادي جون تياريون زور شور سان جاري، قومي جهنڊو ڦڙڪايو ويو

جشن آزادي جون تياريون ضلعي ۾ ميڊيڪل ڪيمپس پهرين آگسٽ کان نئين ۾ جاري

سماجي تنظيم پاران جشن آزادي جي موقعي تي ڳوٺ محمد حسن ملاح ۾ ڪيمپ لڳائي وئي

نئو(رپورٽر: جاويد لطيف ميمڻ) نئين ۾ جشن آزادي جون تياريون زور شور سان جاري آهن پاڪستان ريڊ ڪريسنٽ پاران آزادي جي ڏاڙي جي سلسلي ۾ ڪيمپ لڳايو ويو. ڊاڪٽرن جي ٽيم ڪيمپ ۾ اچڻ وارن ماڻهن جو طبي معائنو ڪيو ۽ کين مفت دوائون ڏنيون. ڪيمپ ۾

روزاني
سنڌيار
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سومر 14 آگسٽ 2023ع

پاڪستان جي آزادي جو ڏينهن ۽ ماضيءَ جون يادون

اعجاز ممنائي

پاڪستان سميت پوري دنيا ۾ رهندڙ پاڪستاني اڄ پنهنجي آزاديءَ جو قومي ڏينهن جوش ۽ خروش سان ملهائين پيا پاڪستان ۾ ته آزادي جي ڏينهن تي عام موڪل طور ملهايو پيو وڃي ۽ اهو ٻڌايو پيو وڃي ته پاڪستان 1947ع ۾ انگريزن ۽ هندن جي غلاميءَ کان آزاد ٿي غلاميءَ جون سڀ زنجيرون ٽوڙي وجود ۾ آيو. 14 آگسٽ جو ڏينهن پاڪستان ۾ سرڪاري سطح تي قومي ڏڻ جي طور تي وڏي ڏوم ڏام سان ملهايو ويندو آهي جڏهن ته پاڪستاني عوام هن ڏينهن پنهنجو قومي جهنڊو هوا ۾ بلند ڪندي پنهنجي محسنن کي پيتا پيش ڪندو آهي سڄي ملڪ ۾ اهم سرڪاري عمارتن تي چراغان ڪيو ويندو آهي.اسلام آباد جيڪو پاڪستان جي گاديءَ جو هنڌ آهي، ان کي خاص طور تي سجايو ويندو آهي، ان جا منظر جشن جو ماحول پيدا ڪري رهيا هوندا آهن ۽ هتي هڪ قومي حيثيت جي حامل تقريب ۾ صدر پاڪستان ۽ وزيراعظم قومي جهنڊو بلند ڪندي ان ڳالهه جو عهد ڪندا آهن ته اسان هن جهنڊي وانگر هن پياري وطن کي به عروج ۽ ترقي جي بلندين تائين پهچائيندا.سين انهن تقريبن کان علاوه نه صرف صدارتي ۽ پارلياماني عمارتن تي قومي جهنڊو لهرايو ويندو آهي پر سڄي ملڪ ۾ سرڪاري ۽ نيم سرڪاري عمارتن تي به سائو چند وارو جهنڊو شان ۽ شوڪت سان بلندي جو نظارو پيش ڪري رهيو هوندو آهي هن ڏينهن تي ريڊيو، ٽيليويزن ۽ انٽرنيٽ تي سڏوسڏون صدر ۽ وزيراعظم پاڪستان جي تقريرون ۽ خصوصي نغمن کي نشر ڪيو ويندو آهي ۽ اهو عهد ورجايو ويندو آهي ته اسان سڀني کي ملي ڪري هن پياري وطن کي ترقي، خوشحالي ۽ ڪاميابين جي بلند سطح تي پهچائڻو آهي ان ۾ ڪيترو ڪاميابي ماڻي چڪا آهيون ان جو ڄائرو ونڊڻ لاءِ 15 آگسٽ 1947ع جي قائداعظم محمد علي جناح جي تاريخي تقرير تي نظر وجهون ٿا ، جيڪا پاڪستان جي قيام ۽ آن جي اعلان کان پوءِ ريڊيو پشاور تان نشر ڪئي وئي هئي

قائداعظم جي هن تقرير جو تاريخي ۽ افادي پهلو اهو به آهي ته خود وزارت اطلاعات جي طرفان قائداعظم جي تقرين واري شايع ڪيل مجموعي ۾ هيءَ تقرير موجود ناهي، ان ڪري انصار ناصري ان تقرير کي قائداعظم جي "امانت" قرار ڏنو آهي. انصار ناصري ان تقرير جي نشر و اشاعت جي سلسلي ۾ هڪ طول طويل تحرير ۾ ڪافي دلچسپ حقيقتون پيش ڪيون آهن.

انصار ناصري لکيو آهي ته "قائداعظم جي تقرير جو ترجمو مون ڪيو. آخر ڪار اها عظيم ۽ مقدس رات آئي، جا حق تعاليٰ جي ارشاد موجب هزار راتين کان افضل رات هئي. يعني 14 ۽ 15 آگسٽ 1947ع جي درمياني رات 27 رمضان المبارڪ 1366ھ جي رات يعني "ليلتہ القدر" ۽ ان سان گڏ خميس ۽ جمعي واري مقدس رات! جنهن جي بدي ڏينهن ته، "جمعتہ الوداع" جو مقدس ڏينهن اچي رهيو هو. اهو عظيم ۽ مقدس بي مثال ۽ سعادت پريو وقت 27 رمضان المبارڪ ليلتہ القدر ۽ جمعتہ الوداع هو. جڏهن پاڪستان جي قيام جو اعلان ٿيو."

ان پهرئين پاڪستان جي قيام جي موقعي تي قائداعظم جي تقرير پيش ڪئي وئي، جنهن جو سنڌي ترجمو پيش ڪجي ٿو

تقرير جو متن هن ريت آهي

اهليان پاڪستان! السلام عليڪم!

مان انتهائي مسرت ۽ شادماني ۽ قلبي احساسات سان گڏ اڄ اوهان جي خدمت ۾ مبارڪ ۽ تهنيت پيش ڪريان ٿو. 14 آگسٽ اسان جي آزاد ۽ خودمختيار مملڪت پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ جو ڏينهن آهي. اڄ جو مبارڪ ڏينهن مسلم قوم جي ڪاميابي ۽ آبرومندي جو ڏينهن آهي. جنهن پنهنجي وطن کي حاصل ڪرڻ لاءِ ورهين کان جدوجهد ڪئي آهي. اچوڪي انتهائي اهم وقت تي منهنجي دل اسان جي جنگ آزاديءَ جي انهن دليرِ مجاهدن جي ياد سان معمور آهي، جن پاڪستان کي حقيقت ٿاهڻ جي راهه ۾ پنهنجي مال ۽ جان جي قرباني پيش ڪئي آهي. مان انهن کي يقين ٿو ڏياريان ته پاڪستان هميشه انهن جو ممنون ۽ احسانمند رهندو ۽ انهن سائٽين کي، جيڪي اڄ اسان وت موجود ناهن تن کي هميشه لاءِ ياد رکيو ويندو.

هن نئين مملڪت جي قائم ٿيڻ شرط پاڪستان جي شهرين تي زبردست ذميواري لاڳو ٿي آهي، ڪين اهڙو موقعو حاصل ٿيو آهي، جنهن ۾ هو دنيا کي ثابت ڪري ڏيکاري سگهن ٿا ته ڪهڙي طريقي سان هڪ اهڙي قوم جنهن ۾ ڪيئي مختلف عناصر شامل آهن، پاڻ ۾ اتحاد ڪري صلح ۽ امن سان زندگي گذارين ٿا ۽ مذهب، نسل جي امتياز ۾ فرق ڪان سواءِ پنهنجن سڀني شهرين جي فلاح ۽ بهبود لاءِ مخلصانہ طور خدمت ڪن ٿا.

اسان جو نقطہ نظر امن هٿ ڪهرجي. ملڪ ۾ اندر به ۽ ملڪ کان ٻاهر به اسان صلح ۽ امن سان رهڻ گهرون ٿا ۽ ان سان گڏ پنهنجي پاڙيسري ملڪن جي باشندن سان ۽ ساري انسان ذات سان خوشگوار ۽ دوستانہ تعلقات رکڻ گهرون ٿا. اسان ڪنهن جي خلاف جارحانہ ارادا نٿا رکون ۽ اسان گڏيل قومن جي منشور جا پابند آهيون ۽ عالمي امن ۽ خوشحاليءَ جي فروغ ۾ دلي خوشيءَ سان حصو ونڊندا رهنداسون.

هندستان جي مسلمانن اهو دنيا کي ڏيکاريو آهي ته مسلمان هڪ متحد قوم آهن. ان جا مطالبا ۽ مقصد سڀ حق ۽ انصاف تي ٻڌل آهن. جن کي ڪنڊهن به رد ڪري نٿو سگهجي.

اچو اچوڪي مبارڪ ڏينهن تي اسان الله تعاليٰ جي بخشيل نعمتن جو شڪر ادا ڪريون ۽ دعا ڪريون ته اسان کي ان جي اصل ثابت ٿيڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اچوڪي ڏينهن تي اسان جي قومي تاريخ جي تلخين سان پريل دور جو خاتمو ٿي چڪو آهي ۽ اچوڪي ڏينهن تي اسان جي نئين ۽ شاندار ۽ پروقار دور جو آغاز به هٿ ڪهرجي.

پنهنجين سرحدن جي آزادي پسند قبيلن ۽ سرحدن ڪان ٻيءَ پار مملڪتن ۽ آباد باشندن جي خدمت ۾ پڻ اسان مبارڪباد پيش ڪريون ٿا ۽ ڪين يقين ٿا ڏياريون ته پاڪستان انهن جي عظمت ۽ مرتبي جو هميشه هميشه احترام ڪندو رهندو ۽ امن جي قيام جي سلسلي ۾ انهن سان هميشه دوستانہ طور تي تعاون ڪندو رهندو.

اسان چاهيون ٿا ته اسان پاڻ به باعزت زندگي بسر ڪريون ۽ ٻين کي به باعزت زندگي بسر ڪرڻ لاءِ موقعو ڏيون. ان ڪان وڌيڪ اسان جي ٻي ڪا به تمنا ڪانہ آهي.

آخر ۾ منهنجا عزيز هر وطن دوستو ۽ پائرو! مان اوهان کي اهو ٻڌائڻ چاهيان ٿو ته پاڪستان جي سرزمين عظيم وسيلن ۽ ذخيرن سان مالا مال آهي پر هڪ اهڙي ملڪ بنائڻ جي لاءِ جو مسلم قوم جي شايان شان هجي، اسان کي پنهنجين سڀني قوتن کي استعمال ڪرڻ جي ضرورت رهندي ۽ مون کي پروسو آهي ته ان مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ پاڪستان جا سڀ رهاڪو دل ۽ جان سان پنهنجي پوري قوت ۽ صلاحيت کي وقف ڪندا.

"پاڪستان زندهہ آباد!"

قائد اعظم محمد علي جناح جي ان تقرير ۾ ڪيترائي اهم نڪتا بيان ٿيل آهن جن کان اڄ به اسان وانجهيل آهيون 14 آگسٽ يوم آزادي جو ڏينهن رڳو رسمي طور ملهائي رهيا آهيون اسان بظاهر برصغير جي ماڻهن انگريزن ۽ هندن کان آزادي حاصل ڪئي هئي پر پوري دنيا جي غلاميءَ جو طوق پنهنجي ڳلي ۾ وڌوسين اسانجي ماڻهن "سر" جا خطاب وٺي دل خوش ڪئي ۽ بدلي ۾ انگريزن آزادي به انهن کي ڏني ته جيئن عوام جي ڪل لاهي سگهو ٿو لاهيو. اسان هڪ ڏينهن صبح جو انگريزن ۽ هندن جي غلاميءَ کان آزاد ٿياسين شام جو وري آئي ايم ايف سميت ٻين جا بدترين خاموش غلام ٿياسين ڏينهن ته ملهائبو پوءِ ڪير آزادي جو ڏينهن ملهائي ته ڪير غلاميءَ جو جش ملهائي جنهن جا وسيلا، زمينون، درياءَ، سمنڊ، تيل، گئس، روڊ، فڪر ۽ سوچون آزاد آهن اهي آزادي ملهائين جنهن جا وسيلا قيد ۽ قبضي هيٺ آيل هجن.جنهن جا حڪمران ۽ فيصلا امپورٽيٽ هجن اهي آزاديءَ جا جشن ڪيئن ملهائيندا، اچوڪي ڏينهن تي اهو ضرور سوچڻ گهرجي

***

ڪوٽي ڪُهي سُپرِين، ڪوٽي ڪُهڻَ ساڻُ؛ نيزي هيٺان نِينهنَ جي، پاسي ڪرمَ پاڻُ؛ جُلُ، وِڃائي جاڻُ، عاشِقَ! اَجَلَ سامهُون.

پاڪستان جي آزادي جو ۷۶ هون ڏهاڙو

تحرير: اعجاز علي تيوٽو/نوابشاهہ

پاڪستان ۾ آگسٽ جو مهينو شروع ٿيندئي شهرن توڙي ڳوٺن ۾ يوم آزادي پاڪستان قومي جوش ۽ جذبي سان ملهائڻ جون تياريون شروع ڪيون ويون آهن ڇاڪاڻ ته دنيا ۾ رهندڙ هر قوم لاءِ ڪجه ڏينهن اهڙي طرح اهميت رکندا آهن جنهن جو ذڪر دلين کي باغ بهار بڻائي چڏيندو آهي پاڪستان جي تاريخ ۾ 14 آگسٽ (يوم آزادي پاڪستان) پڻ وڏي اهميت رکي ٿو ڇاڪاڻ ته 14 آگسٽ يوم آزادي صرف هڪ ڏينهن نه پر انهن مجاهدن جي قربانين جو پيغام پڻ آهي جن جي قربانين جي ڪري اسان کي آزاد ملڪ مليو آزادي جو مطلب ۽ قدر انهن کان پڇا ڪجي جيڪي اڄ به قيد ۾ وقت گذاري رهيا آهن يوم آزادي جو لفظ زبان مان نڪرندئي تحريڪ پاڪستان جي دؤر جي ياد تازي ڪري ٿو ۽ اهو زمانو تصور ۾ اچڻ لڳي ٿو جڏهن برصغير جي مسلمانن پنهنجي عزم ۽ حوصلي سان پنهنجي مستقبل جي عمارت تعمير ڪري رهيا هئا اهو دور مسلمانن لاءِ تمام گهڻو ڏکيو دور هو هڪ طرف انگريز جيڪي هزارن سالن کان هتي حڪومت ڪرڻ لاءِ منصوبا بندي ڪري رهيا هئا ان نازڪ دور ۾ قائد اعظم محمد علي جناح آزادي جي سج جي علامت بڻجي اپريو آزاديءَ جو اهو سج جيڪو ڏسندي ڏسندي غلامي جي تاريخن کي توڙيندي آزادي جي روشني سان ماحول جڳمڳائڻ لڳو قائداعظم جي قيادت قدرت طرفان وڏو انعام هو اهو قائد جنهن باطل جي سامهون جهڪڻ نه پر جهڪائڻ سکيو هيو.

قائداعظم محمد علي جناح جي ڪوششن سان قوم صدين جو فاصلو سالن ۾ طي ڪيو ۽ 14 آگسٽ 1947 تي انگريزن جي اقتدار کي ختم ڪيو ۽ مسلمانن کي هڪ آزاد ملڪ ڏنو ان وقت انگريز سامراج مسلم دشمني ۾ ناڪام ٿي چڪا هئا اسان جي محبوب قائد پنهنجي سمورن دشمنن کي شڪست ڏئي چڪو هو ۽ دنيا پاڪستان جي وجود کي سلامي عقيدت پيش ڪري رهي هئي تحريڪ پاڪستان جي اصل قوت به قومي نظريہ هئي جنهن برصغير جي مسلمانن کي هڪ پليٽ فارم تي جمع ڪيو ۽ پاڪستان جي فضائن جو مطلب چا لااله الا الله جي پرجوش نعرن سان گونجي رهيو هو اهو ئي نظريہ اسلام پاڪستان جي حقيقي بنياد آهي ان لاءِ جيڪڏهن اسان چاهيو ٿا ته پاڪستان هرلحاظ سان سربلند ۽ خوشحال هجي ته اسان کي ان جي نظرياتي بنيادن کي مضبوط بڻائڻو پوندو اسلام هن ملڪ جو مقدر به آهي ۽ ان جي مستقبل جي ضمانت به آهي

اڄ 14 آگسٽ 2023 تي پوري ملڪ ۾ پاڪستان جي آزادي جو 76 هون ڏهاڙو قومي جوش ۽ جذبي سان ملهايو پيو وڃي شهرن توڙي ڳوٺن ۾ ملڪ سان محبت جو اظهار ڪرڻ لاءِ هر طرف ننڍا توڙي وڏا ملڪ جي سلامتيءَ لاءِ خصوصي دعائون گهري رهيا آهن جڏهن ته قومي هيروز پاران آزادي لاءِ ڏنل قربانين بابت نوجوان نسل کي آگاهي ڏيڻ لاءِ تعليمي ادارن ۾ پروگرام منعقد ڪيا پيا وڃن جتي شاگردن ۽ شاگردياڻين پاران قومي نغمن ۽ تقريري مقابلن ۾ پرپر حصو ورتو پيو وڃي جڏهن ته سرڪاري عمارتن کي قومي جهنڊين ۽ رنگ برنگي بلبن سان سينگاريو ويو آهي ۽ سرڪاري ادارن ۾ پڻ يوم جشن آزادي جي موقعي تي جهنڊو ڦڙڪايو پيو وڃي اڄو ته ملڪ جي آزادي واري ڏهاڙي تي اهو وچن ڪيون ته ملڪ کي سرسبز بنائڻ لاءِ وٽڪاري سان گڏوگڏ ملڪ جي دفاع، سلامتي ۽ بهتري لاءِ پرپور قدم کڻندا سين ۽ پنهنجي ملڪ کي ترقي جي راه تي گامزن ڪرڻ لاءِ پنهنجو پرپور ڪردار ادا ڪندا سين.

پاڪستان زند آباد

بقايا ۽ ڪهاڙيون لڳڻ ڪري ٿي آهي جنهن ڪري ڏينهن ۾ 3 لک روپيا پڻ گهر ڪٽي وڌي آهي جنهن خلاف عدالت ۾ پڻ پٽيشن داخل ڪرائي آهي

بقايا ۽ ***

32

بقايا ۽ ***

35

بقايا ۽ ***

37

بقايا ۽ ***

38

بقايا ۽ ***

36

بقايا ۽ ***

39

بقايا ۽ ***

33

بقايا ۽ ***

27

بقايا ۽ ***

34

بقايا ۽ ***

28

بقايا ۽ ***

29

بقايا ۽ ***

30

بقايا ۽ ***

31

بقايا ۽ ***

23

بقايا ۽ ***

24

بقايا ۽ ***

25

بقايا ۽ ***

26

بقايا ۽ ***

16

بقايا ۽ ***

17

بقايا ۽ ***

18

بقايا ۽ ***

19

بقايا ۽ ***

20

بقايا ۽ ***

21

بقايا ۽ ***

22

بقايا ۽ ***

09

بقايا ۽ ***

10

بقايا ۽ ***

11

بقايا ۽ ***

12

بقايا ۽ ***

13

بقايا ۽ ***

14

بقايا ۽ ***

15

بقايا ۽ ***

01

بقايا ۽ ***

02

بقايا ۽ ***

03

بقايا ۽ ***

04

بقايا ۽ ***

05

بقايا ۽ ***

06

بقايا ۽ ***

07

بقايا ۽ ***

08

بقايا ۽ ***

کنڈو لڳو پير ۾ ، کوتجي پيو گوڏ و!

خبرون آهن ته، آءِ جي سنڌ هدايتون جاري ڪيون آهن ته، تعليمي ادارن کي منشيات کان پاڪ ڪيو وڃي ۽ منشيات کي تعليمي ادارن ۾ عام ڪندڙ ماڻهن ۽ گروهن جي خلاف سخت قانوني ڪارروائي عمل ۾ آندي وڃي. اهڙو فيصلو آءِ جي سنڌ جي صدارت ۾ ٿيل هڪ اعليٰ سطحي اجلاس ۾ ڪيو ويو، جنهن ۾ ايس ايس پيز، ڊي آءِ جيز ۽ ايڊيشنل آءِ جيز وڊيو لنڪ جي ذريعي شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ امن امان جي مجموعي صورتحال سميت منشيات، گٽڪي ۽ مائي جي خلاف پوليس ڪارڪردگي ۽ سمورين سماجي برائين جي ڪنٽرول لاءِ قدمن تي ويچاريو ويو.

سنڌ تي گهڻ طرفي يلغار آهي. سنڌ جي ماڻهن جي وڏيل اجتماعي سياسي شعور کان خائف ۽ خوفزده قوتن ايم آر ڊي کانپوءِ هڪ پاسي بهرائين ۾ ڏاڙيلن جي صورت ۾ ته شهرن ۾ دهشتگردن جي صورت ۾ اعصابي ۽ نفسياتي جنگ مڙهي چڪي آهي ته ٻئي طرف منشيات جي تياري، وڪري ۽ واهپي ذريعي سنڌ جي ماڻهن کي موالي بڻائي، انهن جي مزاحمت واري قوت کي مائو ڪري ان حد تائين پهچائڻ جو ارادو ڪيل ٿو ڏسجي، جهڙي نموني چينين کي آفيم جو عادي بڻائي ڪيو ويو هو. هاڻي ته نئين نسل کي تباهہ ڪرڻ لاءِ تعليمي ادارن ۾ به منشيات جو وڪرو ۽ واهپو جاري آهي. سنڌ ۾ گٽڪي، مين پڙي سميت منشيات جي تياري، وڪري ۽ واهپي خطرناڪ صورت اختيار ڪري ويو آهي. ان حقيقت کان انڪار ممڪن نه آهي ته گٽڪو ۽ مائو ناهيندڙ اڪثر ڪارخانا پوليس جي سرپرستيءَ ۾ هلندڙ آهن. هتي اسان سنڌ جي پوليس سربراهہ کي اها رپورٽ ياد ڏيارڻ چاهيون ٿا، جيڪا ڪجهہ وقت اڳ پوليس جي اسپيشل برانچ ڏني هئي، جنهن ۾ گٽڪي جا ڪارخانا پوليس جي سرپرستيءَ ۾ هلڻ جو انڪشاف ٿيل هو ۽ انگ اکر به ڏنا ويا هئا. ان ڪري پهرين ته اها "تطهير" پوليس ۾ ٿيڻ گهرجي. پوليس جڏهن منشيات جي سرپرستي ڪرڻ ۾ پاڻ ملوث آهي ته پوءِ ڪارروائي ڪنهن جي خلاف ٿيندي؟ "ڪنڈو لڳو پير ۾ ، کوتجي پيو گوڏ!" چا پوليس کي اها خبر ناهي ته تعليمي ادارن ۾ منشيات، گٽڪو ۽ مائو ڪيئن ٿو پهچي؟ هاڻي ته خطرناڪ ڪيميڪلن مان تيار ٿيل مين پڙيون سڏيئه. ايڪيهہ سئو سميت مختلف نالن سان هلن ٿيون. مين پڙي، مائو ۽ گٽڪو سنڌ ۾ وڏي پئماني تي وات ۽ نڙيءَ جي ڪينسر جي ڪهاڙيءَ جو سبب بڻيل آهن. پوليس جي سرپرستيءَ ۾ هي زهر سنڌ جي نئين نسل جي وجود ۾ اوتيو پيو وڃي! اها ميڊيا تي رپورٽ ٿيل حقيقت آهي ته ڪڏهن منشيات پوليس موبائلن مان هٿ اينديو رهي آهي ته ڪڏهن اسپتالن جي ايمبولينسن مان پڪڑي ويندي آهي. اها منشيات ايتري ته عام ٿي چڪي آهي، جو ڪجهہ وقت اڳ لاڙڪاڻي ۾ 13 سالن جي هاڙڙي جي منشيات واپرائڻ واري وڊيو وائرل ٿي هئي. چا آءِ جي بهادر کي اها خبر نه آهي ته، ڪنهن به غير قانوني ڏنڊي جو پوليس جي ساٿ ۾ سرپرستيءَ ڪانسواءِ هلڻ ممڪن نه آهي! چا اهو ممڪن آهي ته ڪنهن شهر ۾ گٽڪي جا ڪارخانا پوليس جي سرپرستيءَ ڪانسواءِ هلي رهيا هجن. پوليس جي سرپرستيءَ کان سواءِ منشيات جي تياري ۽ وڪرو ممڪن ڪونهي، جيئن مٿي ذڪر ڪيل پوليس جي اسپيشل برانچ جي رپورٽ مان ٿي ظاهر آهي.

سنڌ جي تعليمي ادارن ۾ منشيات جي وڪري ۽ واهپي ته آءِ جي بهادر جي ڳڻتيءَ ڪي اسان تحسين جي نگاهہ سان ڏسون ٿا، پر اسان اهو ضرور چوڻ چاهينداسين ته ان آپريشن جي شروعات پوليس کان ڪئي وڃي. چا تعليمي ادارن ۾ گٽڪي، مائي ۽ ٻي منشيات جي وڪري ۽ واهپي ۾ پوليس جي ڪارڪردگيءَ جي تصوير ڇڻي ٿي ڏيکاري؟ اسان ائين ڪونہ ٿا چئون ته، سڄو ڏڻ جي ڪارين رڍون ته مشتمل آهي پر اسان اهو ٿا چئون ته پوليس ۾ جيڪي ڪارين رڍون آهن، انهن خلاف سخت ڪارروائي ٿيڻ گهرجي، پوليس لاءِ معطلي ڪا به سزا نه آهي. ان ڪري شروعات پوليس کان ٿيڻ گهرجي!

هوندا عوامي مسلم ليگ جي سربراهہ چيو ته لال حويلي ۾ 50 سالن کان آزادي واري ڏهاڙي تي تقريبون منعقد ٿي رهيون آهن. پوليس لائنز اسپيڪرز، آتش بازي ۽ اسٽيج ڪئي ويا، پارن ٽوڙي آتشبازي ڪئي ٿيندي؟ شيخ رشيد چيو ته پاڪستان جي شهيدن، غازين ۽ معمارن کي سلام پيش ڪريون ٿا. عوام تيار آهي. يوم آزادي جي ريلي راجا بازار، ڪميٽي چوڪ يا چاندني چوڪ تي ٿي سگهي ٿي. هر 3 ڪلاڪن بعد وڊيو پيغام جاري ڪيو ويندو.هن وڏيڪ چيو ته هوسياسي جلسو نه پر جشن آزادي جو جلسو ڪري رهيا آهن، جيڪڏهن ڪو مسئلو آهي ته مون سان ڳالهايو. ڪنهن کي به قانون هٿ ۾ نه کڻڻ گهرجي.

هٽياربندن قاتلاڻو حملو ڪيو آهي. جان محمد مهر آئيس مان گهر وڃي رهيو هو ته مڪي مسجد لڳ مٽس موٽر سائيڪل سوار ٻن جڻن حملو ڪيو. ڪيس حرا اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو جتي هن زخمي جا سور نه سهندي دم ڏڻي حوالي ڪيو.ان کان اڳ ڊاڪٽرن جوچون آهي ته ڪنڈ هٽ ۽ اڪ لڳ گوليون لڳل آهن. ساهہ جي رڳ لڳ ڪنڈ ۽ لڳل گولي سبب جسم اندر رت بند ناهي ٿي سگهيو.جنهن سبب سندس حياتي کي خطرو آهي. سنڌ جي وڏي وزير مراد علي شاهہ ۽ آءِ جي سنڌ نوٽيس ولندي جوابدارن جي گرفتاري جو حڪم ڏنو آهي. جان محمد مهر جي سٹوٽ شيراز مهر جو چوڻ آهي ته مهر برادري جي ماڻهن سان زمين تي تڪرار هلندو هو ۽ انهن جان محمد مهر کي هٿ ڪرڻ جون ڏمڪيون به ڏنيون هيون. چونڊيل نمائندا، ڊي آءِ جي ۽ ايس ايس پي سکر، صحافي، مائٽ ۽ عام ماڻهو وڏي اڇڻ ۾ اسپتال پهتل آهن.

ڏنو مهيس، آئي ايل ايف اڳواڻ ايڊووڪيٽ ظهور محمود، ايڊووڪيٽ عبدالوهاب بلوچ، ايڊووڪيٽ جليل احمد مروت، ايڊووڪيٽ ناصر يوسف، ايڊووڪيٽ فياض سمرو ۽ ٻين رڪيلن شرڪت ڪئي. پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي ايڊووڪيٽ علي پلڙيو ته جشن آزادي جو ڏاهاڙو هر پاڪستاني عيد واانگر ملهائيندو آهي پر ٽي آئي پوري سنڌ ۾ 14 آگسٽ جو ڏاهاڙي جوش جذبي سان ملهائڻ جو اعلان ڪيو آهي مگر ڪجه قوتون اسان کي جشن آزادي ملهائڻ کان روڪي رهيون آهن چا اسان پاڪستاني ناهيون، جشن آزادي ملهائڻ ته ڪير غلاميءَ جو جش ملهائي جنهن جا وسيلا، زمينون، درياءَ، سمنڊ، تيل، گئس، روڊ، فڪر ۽ سوچون آزاد آهن اهي آزادي ملهائين جنهن جا وسيلا قيد ۽ قبضي هيٺ آيل هجن.جنهن جا حڪمران ۽ فيصلا امپورٽيٽ هجن اهي آزاديءَ جا جشن ڪيئن ملهائيندا، اچوڪي ڏينهن تي اهو ضرور سوچڻ گهرجي

***

ڏنو مهيس، آئي ايل ايف اڳواڻ ايڊووڪيٽ ظهور محمود، ايڊووڪيٽ عبدالوهاب بلوچ، ايڊووڪيٽ جليل احمد مروت، ايڊووڪيٽ ناصر يوسف، ايڊووڪيٽ فياض سمرو ۽ ٻين رڪيلن شرڪت ڪئي. پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي ايڊووڪيٽ علي پلڙيو ته جشن آزادي جو ڏاهاڙو هر پاڪستاني عيد واانگر ملهائيندو آهي پر ٽي آئي پوري سنڌ ۾ 14 آگسٽ جو ڏاهاڙي جوش جذبي سان ملهائڻ جو اعلان ڪيو آهي مگر ڪجه قوتون اسان کي جشن آزادي ملهائڻ کان روڪي رهيون آهن چا اسان پاڪستاني ناهيون، جشن آزادي ملهائڻ ته ڪير غلاميءَ جو جش ملهائي جنهن جا وسيلا، زمينون، درياءَ، سمنڊ، تيل، گئس، روڊ، فڪر ۽ سوچون آزاد آهن اهي آزادي ملهائين جنهن جا وسيلا قيد ۽ قبضي هيٺ آيل هجن.جنهن جا حڪمران ۽ فيصلا امپورٽيٽ هجن اهي آزاديءَ جا جشن ڪيئن ملهائيندا، اچوڪي ڏينهن تي اهو ضرور سوچڻ گهرجي

***

گڏيل 10 ڏينهن اڳ مينا شڪي جوابدارن جي عيوضي ۾ ڪنهي گر ڪيل 8 مهينن جي ڪوهاري گهر واري جي بازيابي لاحاجائا برادري جو معصوم بارڙن سميت سياسي سماجي ڏرين سان گڏ شاهي بازار مان ريلي ڪڍي مين چوڪ تي علامتي ٻک هڙتال ڪندي نعريبازي ڪئي وئي ان موقعي تي محمد صالح حاجائو غلام رسول حاجائو ايس پو هي اڳواڻ علي نواز ڪنهر يوسف عمراڻي جسقر اڳواڻ گلشير ڪوسر ايس ٽي هي اڳواڻ گلزار ملاح ۽ ٻين ميڊيا سان گڏلهائيندي چيو ٽ نواب شاهہ سي آءِ اي پوليس 10 ڏينهن اڳ مانجهند ۾ آڌي رات جو شير محمد حاجائو جي گهر تي چڙهائي ڪندي چادر چوديواري جو تقدس پائمال ڪندي سندس غير موجودگي ۾ 8 مهينن جي گهرواري گهرواري حسنا حاجائو کي ڪنپي گر ڪري چڏيو جنهن جي خبر پئي آهي ت ڪيس نواب شاهہ سي آءِ اي پوليس گر ڪري چڏيو آهي ڪين ڪاب ملاقات نٿي ڪرائي وڃي جڏهن ت عورت جي آزادي لاءِ

ڊاڪٽر ڪاشف شفيق، ڊاڪٽر نويد علي خان، ڊاڪٽر نسرين ناز، ڊاڪٽر مريم به خطاب ڪيو جڏهن ته ڪينسر سينٽر مان فائيدو نٿو لهي سگهجي ته ڪينسر سينٽر جي ڊائريڪٽر ۽ ڊپٽي ڊائريڪٽر سميت ڪينسر جي علاج لاءِ ڏنل سهولتون رعايتي اڳهن تي فراهر ڪيون وڃن ٿيون ته هڪ سال اڳ ڊاڪٽر ڪينسر سينٽر ڪو خاص نمونو سان قائم نه ٿيو هو ميڊيڪل سپرنٽنڈنٽ ڊاڪٽر يونيورسٽي اسپتال ڊاڪٽر جهان آرا خطاب ڪندي چيو ته ڊائو ڪينسر سينٽر هر قسم جي ڪينسر جي علاج لاءِ خصوصي انتظام ڪيا آهن اهوئي سبب آهي جو گهٽ وقت ۾ مريضن جو رجحان ان پاسي وڌي رهيو آهي هن ٻڌايو ته گذيل 5 سالن اندر گائناڪالوجي جون 250 سرجريون ڪيون ويون آهن هن چيو ته ڪينسر سينٽر 10 بيڊ تائين وڌائڻ جو اعلان ڪيو هو پوسٽ گريجوئيٽ ٽريننگ لاءِ هي هڪ مثال آهي اهي سکن ٿا. جيئن مريضن جي علاج لاءِ نوان شعبا قائم ٿي سگهن. تقريب جي پڇاڻي ڪان اڳ پروفيسر محمد سعيد قريشي ڊائريڪٽر ۽ سرٽيفڪيٽ به ورهايا.

چنا جي جاري ڪيل پڌراڻي موجب هوءَ دعوتي ۽ تنظيمي مصروفيتون کان علاوه شام جو 05 وڳي جامعة الحرمين سعيد آباد جو دورو نعمت الله خان تعليمي بلاڪ جو افتتاح ۽ مغرب جي نماز کان بعد اسٽيشن روڊ حيدرآباد ۽ جي آءِ يوٽ پاران ريڊيل "يوٽ ڪنوشن" کي خطاب ڪندو. ان موقعي تي صوبائي امير محمد حسين محنتي ۽ ٻيا صوبائي توڙي مرڪزي اڳواڻ پڻ سائٽس گڏ موجود هوندا. هن کان اڳ ۾ سراج الحق جو حيدرآباد ٽول پلازا ڪراچي موري روٽ پڻ پرپور استقبال ڪيو ويندو.

تان استعفيٰ ڏيڻ واري فيصلي جي تصديق ڪئي. هن چيو ته هو بلوچستان عوامي پارٽي (بي اي پي) جي ميمبرشپ تان به استعفيٰ ڏيندو

ڏنڌا ۽ ڪهاڙيون لڳڻ جي نتيجي ۾ هڪ جشو مارجي ويو آهي جڏهن ته 6 جڻا زخمي ٿي ٻيا آهنزخمين ۾ هڪ ڏرجا 65 ورهين جو سڪندر سولنگي، محمد علي سولنگي، آصف علي سولنگي جڏهن ته ٻي ڏر مان احمد علي سولنگي، حبيب الله سولنگي، محمد نواز سولنگي زخمي ٿي ٻيا.زخمين مان 65 ورهين جي سڪندر سولنگي جي حالت گڻتي جوڳي هجڻ سبب ڪيس وڌيڪ علاج لاءِ سيوهڻ اسپتال رفر ڪيو ويو جتي هو زخمن جي سٽ ته سهندي فوت ٿي ويو جڏهن ته واقعي جو ڪيس داخل ٿيو سگهيو آهي نه ٿي جوابدار گرفتار ٿي سگهيا آهن.

۽ سرڪاري عمارتن کي نقصان پهچائڻ جي سخت مذمت ڪري ٿي. منزا حسن جو چوڻ آهي ته جيڪو ٽيو غلط ٽيو جيڪو نه ٽيڻ گهرجي ها. اسان کي سمورن ادارن جو احترام ڪرڻ گهرجي. هن چيو ته هڪ محب وطن پاڪستاني جي حيثيت سان مونکي پنهنجي فوج تي فخر آهي. جيڪو ڪجهہ ملڪ ۽ ادارن کي نقصان پهچائي اهو افسوسناڪ آهي هن جو هر به چوڻ آهي ته هڪ پاڪستاني جي حيثيت سان رياست جي بقا اسان جو فرض آهي، مان پاڻ کي تحريڪ انصاف کان ڌار ڪريان ٿو.

گڏيل 10 ڏينهن اڳ مينا شڪي جوابدارن جي عيوضي ۾ ڪنهي گر ڪيل 8 مهينن جي ڪوهاري گهر واري جي بازيابي لاحاجائا برادري جو معصوم بارڙن سميت سياسي سماجي ڏرين سان گڏ شاهي بازار مان ريلي ڪڍي مين چوڪ تي علامتي ٻک هڙتال ڪندي نعريبازي ڪئي وئي ان موقعي تي محمد صالح حاجائو غلام رسول حاجائو ايس پو هي اڳواڻ علي نواز ڪنهر يوسف عمراڻي جسقر اڳواڻ گلشير ڪوسر ايس ٽي هي اڳواڻ گلزار ملاح ۽ ٻين ميڊيا سان گڏلهائيندي چيو ٽ نواب شاهہ سي آءِ اي پوليس 10 ڏينهن اڳ مانجهند ۾ آڌي رات جو شير محمد حاجائو جي گهر تي چڙهائي ڪندي چادر چوديواري جو تقدس پائمال ڪندي سندس غير موجودگي ۾ 8 مهينن جي گهرواري گهرواري حسنا حاجائو کي ڪنپي گر ڪري چڏيو جنهن جي خبر پئي آهي ت ڪيس نواب شاهہ سي آءِ اي پوليس گر ڪري چڏيو آهي ڪين ڪاب ملاقات نٿي ڪرائي وڃي جڏهن ت عورت جي آزادي لاءِ

اخلاقي طور پلٽي پڻجي ويو آهي.مهانگائي عوام جو جيئڻ جنجال بڻائي چڏيو آهي انڪري اڄ 14 هين آگسٽ جي ڏاڙي تي پوري قوم کي اهو عزم ڪرڻ گهرجي ته ته رڳو پاڪستان جي نظرياتي ۽ جاگرافيائي سرحدن جي حفاظت بلڪ قيام پاڪستان جي حقيقي مقصدن کي حاصل ڪرڻ ۽ اسلامي انقلاب لاءِ

بقايا سنڈيار 01

احتجاج علامتي بک هڙتالي ڪيمپ قائم

ريلي ڏرتو اپ ڈارينڈ تعريبازي تفصيل موجب مانجهند مان گذريل 10 ڈينهن اڳ مبينا شڪي جوابدارن جي عيوضي ۾ ڪنهي گم ڪيل 8 مهينن جي گهوراري گهر واري جي بازيابي لا حاجاٹا برادري جو معصوم ٻارڙن سميت سياسي سماجي ڊرين سان گڏ شاهي بازار مان ريلي ڪڍي مين چوڪ تي علامتي بک هڙتال ڪندي تعريبازي ڪئي وئي ان موقعي تي محمد صالح حاجاٹو غلام رسول حاجاٹو ايس يو پي اڳواڻ علي نواز ڪنهر يوسف عمراڻي جسڪم اڳواڻ گلشير ڪوسو ايس تي پي اڳواڻ گلزار ملاح ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيوت نواب شاه سي آء اي پوليس 10 ڈينهن اڳ مانجهند ۾ آڌي رات جو شير محمد حاجاٹو جي گهر تي چڙهائي ڪندي سندس غير موجودگي ۾ 8 مهينن جي گهوراري گهرواري حسنا حاجاٹو کي ڪنهي گم ڪري چڏيو جنهن جي خبر پئي آهي ت ڪيس نواب شاه سي آء اي پوليس گم ڪري چڏيو آهي ڪين ملاقات نٿي ڪرائي وڃي چڏيو ت عورت جي آزادي لاء 3 لک روپيا پٽ گهر ڪئي وئي آهي جنهن خلاف عدالت ۾ ٻڌ پٽيشن داخل ڪرائي آهي هنن وس وارن کان مطالبو ڪيوت فوري طور عورت کي آزاد ڪيو وڃي پي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو

بقايا سنڈيار 02

ريلي ڪڍي وئي جنهن جي اڳواڻي ڈي ايس پي ستي دادو عبدالخالق وڳهڻ ، اين سي ايڇ ڈي ڀهرٽمينٽ اسسٽنٽ ڊائريڪٽر ايجوڪيشن محمد صادق عالماڻي ، لاهوتي منيراحمد سيال ، احمد علي ڏاهري ، سليم اختريڻهور ، سماجي اڳواڻ محبوب علي سومرو فنڪار غلام نبي پنڊ عرف اڇوڙو ڪبوتر۽ ٻين ڪيئي ان کان اڳ تقريب جوآغاز قرآن شريف ڪلام پاڪ جي تلاوت ڪئي ۽ ضلعي دادو۾ هرسال پوري ملڪ جيان76 وهين جشن پاڪستان 14 آگسٽ يوم آزادي جي ڏاهاڙي ڪي شاندار۽ پروپورنمرتي ملهائڻ لاء علام آئي آئي قاضي ليبٽريري جي اڳيان تي هڪ شاندار۽ پروقارتقريب معنقد ڪئي هن تقريب ۾ مهمان خاص ڈي ايس پي ستي دادو عبدالخالق وڳهڻ ۽ اين سي ايڇ ڈي ڀهرٽمينٽ اسسٽنٽ ڊائريڪٽر ايجوڪيشن محمد صادق عالماڻي لاهوتي منيراحمد سيال ، احمد علي ڏاهري يوم جشن آزادي جوڪيڪ ڪائيوويو پاڪستان جي سلامتي ۽ خوشحالي ۽ ڪشميرجي سلامتي ۽ مسلمانن جي جدوجهد جي ڪاميابي لاء ٻه رڪعت نماز شڪرانو ادا ڪيو ويو ان کان پوءِ ڪيڪ ڪٽيو ويو ۽ ڪيڪ ورهائي ويو ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر سومرو ، اسسٽنٽ ڪمشنر سومرو ، ايس ايڇ او سومرو ، ايس آء او سومرو ، ايس ڊي پي او سومرو ، ٽي ايم او سومرو ، ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر سومرو ، ايڊمنسٽريٽر ميونسپل ڪميٽي سومرو ، ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر سومرو ، ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر فيميل سومرو ، ڊسٽرڪٽ آفيسر ڪمرشل سومرو ، ڊسٽرڪٽ آفيسر ايڪسائز سومرو ، ڊسٽرڪٽ آفيسر ليبر سومرو ، ڊسٽرڪٽ آفيسر ايجوڪيشن ايڊمن سومرو ، ڊسٽرڪٽ آفيسر ايجوڪيشن ايڊمن فيميل سومرو ، ڊسٽرڪٽ آفيسر ايجوڪيشن ايڊمن